# تلاوت جي فضيلت




- واهه! عاشق قرآن جي ڇا ڳالهه ڪجي! 1
- هڪ اکر جون ڏهه نيڪيون 2
- آيت يا سنت سيکارڻ جي فضيلت 4
- تلاوت جا 21 مَدَني گل 7
- قرآن پڙهڻ وارن مَدَني مُنن جي فضيلت 13
- تلاوت جي سجدي جا 14 مدني گل 14
- قرآن جي ترجمي جا 4 مَدَني گل 21



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحَمّد الياس عطّار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتھم العَاليه

جن جو اُردو زبان ۾ رسالو

# تلاوت جي فضيلت

**ترجمو پيشڪش**

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر:** 021-34921389-90-91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تِلاوت جي فضيلت

هن رسالي پڙهڻ کان شيطان گھڻو روڪيندو پر توهان پڙهي وٺو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ معلومات جو هڪ وڏو قيمتي خزانو هٿ ايندو.

## درود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُلصِراط تي نور آهي جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي اَسّي (80) ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهندو ان جي اَسّي سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا.

(اَلْجَامِعُ الصَّغِير لِلسُّيُوطِي ص 320 حديث 5191 دارالكتب العلمية بيروت)

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
ہر اِک پرچم سے اونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عاشقِ قرآن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

حضرت سيّدُنا ثابت بُناني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي روزانو هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سدائين ڏينهن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات قِيام (يعني عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگھندا هئا ان ۾ ٻه رڪعتون تَحِيَّةُ المسجِد ضرور پڙهندا هئا. تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي هر ٿنڀي وٽ قرآن پاڪ جو ختمو ڪيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ گريو ڪيو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

آهي. نماز ۽ تِلاوت سان ڪين خصوصي محبت هئي، مٿن اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، جيئن سندن وفات کان پوءِ تدفِين جي دوران اوچتو هڪ سِر قبر جي اندر ڪري پيئي، ماڻهو سِر ڪڍڻ جي لاءِ جڏهن قبر ۾ جهڪيا تہ اِهو ڏسي حيران رهجي ويا تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ قبر ۾ بيهي نماز پڙهي رهيا آهن! جڏهن سندن گهر وارن کان معلوم ڪيو ويو تہ شهزادِي صاحبہ ٻڌايو: والدِ محترم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ روزانو دعا گهرندا هئا: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تون ڪنهن کي وفات کان پوءِ قبر ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت عطا فرمائين تہ مون کي بہ ان جو شرف عطا ڪجانءِ.“ منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پرُ انوار جي ويجهو کان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (حِليۃُ الاوليا ج 2 ص 362- 366 مُلتَقطاً دارالڪتب العلمية)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دَہَن مَیلا نہیں ہو تا بدن مَیلا نہیں ہو تا
خدا کے اولیا کا تو کفن مَیلا نہیں ہوتا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ اکر جون ڏهہ نيڪيون

قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد، اللّٰہ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جو مبارڪ ڪلام آهي، ان جو پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ، ٻڌائڻ سڀ ثواب جو ڪم آهي. قرآنِ پاڪ جو هڪ اکر پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملي ٿو، اهڙي طرح خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، شفيعُ الْمُذْنِبِين، رَحمَۃٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

دلنشين آهي: ”جيڪو شخص ڪتابُ الله جو هڪ اکر پڙهندو، ان کي هڪ نيڪي ملندي جيڪا ڏهن جي برابر هوندي. آئون اهو نه ٿو چوان الٓمٓ هڪ اکر آهي، بلڪ اَلِف هڪ اکر، لام هڪ اکر ۽ ميم هڪ اکر آهي.“ (سُنَن التِرمِذِي ج 4 ص 417 حديث 2919)

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی
گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بهترين شخص

نبي مُڪَرَّم، نور مُجَسَّم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ يعني توهان ۾ بهترين شخص اهو آهي جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريو.

(صَحِيحُ البُخارِي ج 3 ص 410 حديث 5027)

حضرت سيِّدُنا ابو عبدالرحمٰن سُلَمي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مسجد ۾ قرآن پاڪ پڙهائيندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا: انهي حديثِ پاڪ ئي مون کي هتي ويهاريو آهي. (فَيضُ القَدير ج 3 ص 618 تحت الحديث 3983)

اللہ مجھے حافظِ قرآن بنا دے
قرآن کے اَحکام پہ بھی مجھ کو چلا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن شفاعت ڪري جنّت ۾ وٺي ويندو

حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جنهن شخص قرآن پاڪ سکيو ۽ سيکاريو ۽ جيڪي ڪجھ قرآن پاڪ ۾ آهي ان تي عمل ڪيو، قرآن شريف ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنت ۾ وٺي ويندو.

(تاريخ دمشق لابن عساکر ج 41 ص 3، اَلمُعجَمُ الکبِيْر لِلطَّبَرانِيّ ج 10 ص 198 حديث 10450)

الٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آيت يا سنت سيکارڻ جي فضيلت

حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ جنهن شخص قرآن شريف جي هڪ آيت يا دين جي ڪا سنت سيکاري، قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ان جي لاءِ اهڙو ثواب تيار فرمائيندو جو ان کان بهتر ثواب ڪنهن جي لاءِ بہ نہ هوندو.

(جَمعُ الجَوَامِع لِلسُّيُوطِيّ ج 7 ص 281 حديث 22454)

تلاوت کروں ہر گھڑی یا الٰہی
بکوں نہ کبھی بھی میں واہی تباہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ آيت سيکارڻ واري جي لاءِ قيامت تائين ثواب

جامعُ القرآن، حضرت سيِّدنا عثمان ابن عفان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن قرآن پاڪ جي هڪ آيت سيکاري ان جي لاءِ سکڻ واري کان ٻيڻو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

ثواب آهي. هڪ ٻئي حديث پاڪ ۾ حضرت سيّدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته خاتَم المُرسَلِين، شَفِيعُ المُذنِبِين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا: جنهن قرآن پاڪ جي هڪ آيت سيکاري جيستائين ان آيت جي تلاوت ٿيندي رهندي ان جي لاءِ ثواب جاري رهندو. (جمع الجوامع ج 7 ص 282 حديث 22455- 22456)

تلاوت کا جذبہ عطا کر الٰہی
مُعاف فرما میری خطا ہر الٰہی

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله تعاليٰ قيامت تائين اجر وڌائيندو رهندو

هڪ حديث شريف ۾ آهي: جنهن شخص الله جي ڪتاب جي هڪ آيت يا علم جو هڪ باب سيکاريو، الله عَزَّوَجَلَّ قيامت تائين ان جو اجر وڌائيندو رهندو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 59 ص 290)

عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا
خدایا ذوق دے قراٰن پڑھنے کا پڑھانے کا

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ماءُ جي پيٽ ۾ 15 سيپارا حِفظ ڪري ورتائون

”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ مان هڪ فائدي وارو عرض ۽ ايمان افروز ارشاد ملاحظه فرمايو:

**عرض:** حضرت! ”تقريبِ بِسمِ الله“ جي لاءِ ڪا عمر شرعاً مقرر آهي؟

**ارشاد:** شرعاً ڪجهه به مقرر ناهي، ها بزرگانِ دين (رَحِمَهُمُ اللهُ المُبين) وٽ

چار سال، چار مهينا ۽ چار ڏينهن مقرر آهن. حضرت خواجہ قطبُ الحقِّ وَالدّين بختيار ڪاڪي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عمر جنهن ڏينهن چار سال، چار مهينا چار ڏينهن ٿي (تہ) ”بِسۡمِ الله جي تقريب“ مقرر ٿي، ماڻهو گهرايا ويا. حضرت خواجہ غريب نواز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بہ تشريف فرما ٿيا. بِسۡمِ الله پڙهائڻ چاهيائون پر اِلهام ٿيو تہ ترسو! حميدالدين ناگوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اچي رهيا آهن اُهي ئي بِسۡمِ الله پڙهائيندا. هوڏانهن ناگور ۾ قاضي حميدالدين صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اِلهام ٿيو تہ جلدي وڃ منهنجي هڪ ٻانهي کي ”بِسۡمِ الله“ شروع ڪراءِ. قاضي صاحب فورًا تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: صاحبزاده پڙهہ! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پاڻ پڙهيائون: اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ○ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○ ۽ شروع کان وٺي پندرهن سيپارا ياد پڙهي ٻڌايائون. حضرت قاضي صاحب ۽ خواجہ صاحب فرمايو: ”صاحبزاده اڳتي پڙهہ! فرمايائون: مون پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ ايترا ئي ٻڌا هئا ۽ ايترا ئي ان (يعني منهنجي ماءُ) کي ياد هئا، جيڪي مون کي ياد ٿي ويا!

(ملفوظات اعليٰ حضرت ص 481 مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي۔** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

خدا اپنی الفت میں صادِق بنا دے
مجھے مصطفٰے کا تو عاشق بنا دے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

افسوس! جو اڄ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد اسلامي چاڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جي گهٽتائي جي ڪري، قرآن پاڪ پڙهڻ پڙهائڻ، ٻڌڻ ٻڌائڻ ۽ هٿ لڳائڻ وغيره جي شرعي احڪامن کان بي خبر آهي. علم پکيڙڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ ۽ مسلمانن کي گناهن کان بچائڻ جي نيّت سان قرآن پاڪ جي باري ۾ رنگا رنگي مدني گلن جو گلدستو پيش ڪريان ٿو.

## ”قرآن سڀني ڪتابن کان افضل آ“ جي ايڪيهہ اکرن جي نسبت سان تلاوت جا 21 مَدَني گل

﴿1﴾ اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روزانو صبح جو قرآن پاڪ کي چمي ڏئي فرمائيندا هئا: ”هي منهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جو عهد ۽ ان جو ڪتاب آهي.“ (دُرِّمُختار ج 9 ص 634 دارالمعرفة بيروت) ﴿2﴾ تلاوت جي شروع ۾ اَعُوذ پڙهڻ مستَحب آهي ۽ سورت جي شروع ۾ بِسۡمِ اللہ پڙهڻ سنت، نہ تہ مستحب آهي. (بهار شريعت ج 1 حصو 3 ص 550 مکتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي) ﴿3﴾ سورت براءَت (سورهٔ توبہ) کان جيڪڏهن تلاوت شروع ڪريو تہ اَعُوۡذُ بِاللّٰہِ (۽) بِسۡمِ اللہ (ٻئي) پڙهو ۽ جيڪڏهن هن کان پهرين تلاوت شروع ڪئي ۽ تلاوت جي دوران سورت توبہ اچي وڃي تہ تسمِيہ (يعني بِسۡمِ اللہ شريف) پڙهڻ جي ضرورت ناهي. ۽ هن جي شروع ۾ نئون تَعَوُّذ جيڪو اڄڪلهہ جي حافظن ڪڍيو آهي، بي اصل آهي ۽ هي جيڪو مشهور آهي تہ ابتدا ئي سورت توبہ کان ڪري تڏهن بہ بِسۡمِ اللہ نہ پڙهي، اهو غلط آهي. (ايضاً ص 551) ﴿4﴾ با وُضو، قبلي ڏانهن منهن ڪري، صاف سٿرا ڪپڙا پائي تلاوت ڪرڻ مستحب آهي. (ايضاً ص 550) ﴿5﴾ قرآن پاڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رھندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رھندا .** (طبراني)

**ڏسي پڙهڻ، ياد پڙهڻ کان افضل آهي. ڇوتہ هي پڙهڻ بہ آهي ۽ ڏسڻ بہ ۽ هٿ لڳائڻ بہ ۽ اِهي سڀئي ڪم عبادت آهن.** (غنية المتملي ص 495) **﴿6﴾ قرآن پاڪ انتهائي سهڻي آواز سان پڙهڻ گهرجي، جيڪڏهن آواز سهڻو نہ هجي تہ سهڻي آواز بنائڻ جي ڪوشش ڪري، پر لحن سان هئين پڙهڻ جو اکرن ۾ گهٽ وڌائي ٿي وڃي جيئن ڳانا ڳائڻ وارا ڪندا آهن اهو ناجائز آهي. بلڪ قرآن پڙهڻ ۾ تجوِيد جي قاعدن جو لحاظ ڪريو.** (دُرِّمُختار، رَدُّالمُحتار ج 9 ص 694) **﴿7﴾ قرآن پاڪ وڏي آواز سان پڙهڻ افضل آهي جڏهن تہ ڪنهن نمازي يا بيمار يا سمهڻ واري کي تڪليف نہ پهچي.** (غُنيَۃُ المُتَمَلّي ص 497) **﴿8﴾ جڏهن قرآن پاڪ جون سورتون يا آيتون پڙهيون وينديون آهن ان وقت ڪي ماڻهو خاموش تہ هوندا آهن پر هيڏي هوڏي ڏسڻ، مختلف حرڪتون، اشارا ڪرڻ کان ڪونہ مڙندا آهن، اهڙن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ خاموش رهڻ سان گڏ ڌيان سان ٻڌڻ بہ ضروري آهي، جيئن فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحي 352 تي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا: قرآن پاڪ پڙهيو وڃي تہ ان کي ڪن لڳائي ڌيان سان ٻڌڻ ۽ خاموش رهڻ فرض آهي.** قَالَ اللهُ تعاليٰ (**الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:**)

وَ اِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَ اَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۲۰۴﴾

(پ 9 الاعراف 204)

**ترجموڪنزالايمان: ۽ جڏهن قرآن پڙهيو وڃي تہ ان کي ڪن لائي ٻڌو ۽ خاموش رهو تہ مَن اوهان تي رحم ٿئي.**

**﴿9﴾ جڏهن وڏي آواز سان قرآن پاڪ پڙهيو وڃي تہ سڀني حاضرين**

تي ٻڌڻ فرض آهي، جڏهن ته اهي سڀ ٻڌڻ جي لاءِ حاضر ٿيا هجن، نه ته هڪ جو ٻڌڻ ڪافي آهي، جيتوڻيڪ ٻيا پنهنجن ڪمن ۾ هجن. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 353 مُلَخَّصاً) **﴿10﴾** مجمعي ۾ سيني ماڻهن جو وڏي آواز سان پڙهڻ حرام آهي، اڪثر ڪري ٽيجهن ۾ سيئي وڏي آواز سان پڙهندا آهن اهو حرام آهي، جيڪڏهن ڪجهه پڙهڻ وارا هجن ته حڪم آهي ته آهستي پڙهن. (بهار شريعت ج 1 حصو 3 ص 552) **﴿11﴾** مسجد ۾ ٻيا ماڻهو هجن، جيڪي نماز يا پنهنجا وِرد، وظيفا پڙهي رهيا هجن ته ان وقت صرف ايتري آواز سان پڙهو جو پاڻ ٻڌي سگهو پر واري تائين آواز نه پهچي **﴿12﴾** بازارن ۾ ۽ جتي ماڻهو ڪم ۾ مشغول هجن اتي وڏي آواز سان پڙهڻ ناجائز آهي، ماڻهو جيڪڏهن نه ٻڌندا ته گناهه پڙهڻ واري تي آهي جيڪڏهن ڪم ۾ مشغول ٿيڻ کان پهرين هن پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ اها جاءِ ڪم ڪرڻ جي لاءِ مقرر نه هجي ته پوءِ ماڻهو نه ٻڌن ته ماڻهو گنهگار ٿيندا ۽ جيڪڏهن ڪم شروع ٿيڻ کان پوءِ هِن پڙهڻ شروع ڪيو، ته هي پڙهڻ وارو گنهگار ٿيندو. (غُنيَةُ المُتَملّي ص 497) **﴿13﴾** جتي ڪو شخص علمِ دين پڙهائي رهيو آهي يا طالبعلم ديني علم جي تڪرار يا مطالعي ۾ مصروف هجن، اُتي به وڏي آواز سان پڙهڻ منع آهي. (ايضاً) **﴿14﴾** ليٽي قرآن پڙهڻ ۾ حرج ناهي جڏهن ته پير سميٽيل هجن ۽ منهن کليل هجي، اهڙي طرح هلندي ۽ ڪم ڪندي به تلاوت جائز آهي، جڏهن ته بي ڌياني نه ٿئي، نه ته مڪروهه آهي. (ايضاً ص 496) **﴿15﴾** غسل خاني ۽ پليتي وارين جاين تي قرآن پاڪ پڙهڻ ناجائز آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

(ايضاً) ﴿16﴾ قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌڻ، تلاوت ڪرڻ ۽ نفل پڙهڻ کان افضل آهي. (ايضاً ص 497) ﴿17﴾ جيڪو غلط پڙهندو هجي تہ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ کيس ٻڌائي، بشرط تہ ٻڌائڻ جي ڪري ڪينو ۽ حسد پيدا نہ ٿئي. (ايضاً ص 498) ﴿18﴾ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن جو قرآن پاڪ عاريتاً (يعني ڪجھ وقت جي لاءِ) ورتو آهي، جيڪڏهن ان ۾ ڪتابت جي غلطي ڏسي تہ مالڪ کي ٻڌائڻ واجب آهي. (بهار شريعت ج 1 حصو 3 ص 553) ﴿19﴾ گرمين ۾ قرآن پاڪ صبح جو ختم ڪرڻ بهتر آهي ۽ سردين ۾ رات جي پهرئين حصي ۾ چوتہ حديث پاڪ ۾ آهي: ”جنهن ڏينهن جي شروع ۾ قرآن پاڪ ختم ڪيو، شام تائين ملائڪ ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندا آهن ۽ جنهن رات جي پهرئين حصي ۾ ختم ڪيو، صبح تائين ملائڪ ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندا آهن.“ گرمين ۾ جيئن تہ ڏينهن وڏو هوندو آهي تنهنڪري صبح جي وقت ختم ڪرڻ ۾ ملائڪن جو استغفار وڌيڪ ٿيندو ۽ سردين جون راتيون وڏيون هونديون آهن تنهنڪري رات جي شروع ۾ ختم ڪرڻ سان استغفار وڌيڪ ٿيندو. (غُنيۃُ المُتَمَلّي ص 496) ﴿20﴾ جڏهن قرآن ختم ٿئي تہ ٽي ڀيرا سورۃُ الاخلاص پڙهڻ بهتر آهي. جيتوڻيڪ تراويح هجي، البت فرض نماز ۾ پڙهي تہ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا نہ پڙهي. (غُنيۃُ المُتَمَلّي ص 496) ﴿21﴾ ختمِ قرآن جو طريقو هي آهي تہ سورۃُ النَّاس پڙهڻ کان پوءِ سوره فاتحہ ۽ سوره بقره وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ تائين پڙهو ۽ ان کان پوءِ دعا گهرو چوتہ هي سنّت آهي جيئن حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا حضرت سيِّدُنا اُبي بِن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ڪَعَب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪن ٿا: "نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن "قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾" پڙهندا هئا تہ سورت فاتحہ شروع فرمائيندا هئا پوءِ سوره بقره مان "وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿۵﴾" تائين پڙهندا هئا پوءِ ختم قرآن جي دعا پڙهي اٿندا هئا.

(الاتقان في عُلومِ القرآن، ج 1، ص 158)

اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا
دُلہن بن کے نکلی دُعائے محمد

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مَدَني مني راز فاش ڪري ڇڏيو!

حضرت سيِّدُنا ابو عبدالله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا ابو الحسن محمد بن اسلم طُوسي عَلَيۡهِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡقَوِی پنهنجيون نيڪيون لڪائڻ جو تمام گهڻو خيال فرمائيندا هئا، ايستائين جو هڪ ڀيري فرمائڻ لڳا: جيڪڏهن منهنجو وس هلي تہ آئون ڪِراماً ڪاتِبين (عمل لکڻ وارن ٻنهي بزرگ فرشتن) کان لڪي عبادت ڪريان! راوي چون ٿا: آئون ويهہ سالن کان وڌيڪ عرصو سندن صحبت ۾ رهيس پر جُمعۃُ المبارڪ کان علاوه ڪڏهن ڪين ٻہ رڪعتون نفل پڙهندي بہ ڪونہ ڏٺو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پاڻي جو ڪوزو کڻي پنهنجي خاص ڪمري ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ اندريان کان دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا. آئون ڪڏهن بہ معلوم نہ ڪري سگهيس تہ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪمري ۾ ڇا ٿا ڪن، ايستائين جو هڪ ڏينهن سندن مدني منو زور زور سان روئڻ لڳو. ۽ ان جي ماءُ ڪيس چپ ڪرائڻ جي ڪوشش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

ڪري رهي هئي، مون پڇيو: مدني منو آخر هيترو ڇو ٿو روئي؟ بيبي صاحبہ فرمايو: هن جا والد (حضرت سيِّدُنا ابوالحسن طُوسي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی) ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ قرآن جي تلاوت ڪن ٿا ۽ روئن ٿا تہ هي بہ انهن جو آواز ٻڌي روئڻ لڳي ٿو! شيخ ابو عبدالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا ابوالحسن طُوسي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِی (ڏيکاءُ جي تباهہ ڪارين کان بچڻ جي لاءِ) نيڪيون لڪائڻ جي ايتريقدر ڪوشش فرمائيندا هئا جو پنهنجي ان ڪمري مان عبادت ڪرڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ کان پهرين پنهنجو منهن ڌوئي اکين ۾ سرمو لڳائيندا هئا تہ جيئن منهن ۽ اکيون ڏسي ڪنهن کي اهو اندازو نہ ٿئي تہ هي ڪو رنا هئا! (حلية الاولياء ج 9 ص 254) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! هڪ طرف نيڪيون لڪائڻ وارا اُهي مُخلِص ۽ نيڪ انسان، ۽ آه! ٻئي طرف پنهنجين نيڪين کي وڏائي پيش ڪرڻ وارا اسان جهڙا اِخلاص کان عاري نادان! پهرين تہ نيڪي پڄي ڪونہ، ڪڏهن ٿيو وڃي تہ رياڪاري جي ور چڙهيو وڃي. هاءِ!

نفسِ بدکار نے دل پر یہ قِیامت توڑی
عملِ نیک کیا بھی تو چھپانے نہ دیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن پاڪ جي اکرن جي صحيح مَخارج سان ادائگي ۽ غلط پڙهڻ ڪان بچڻ فرضِ عين آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: بيشڪ ايتري تجويد جنهن سان اکرن جي صحيح ادائيگي ٿئي (يعني تجويد جي قاعدن مطابق اکرن کي صحيح مخارج سان ادا ڪري سگهي)، ۽ غلط پڙهڻ ڪان بچي، فرضِ عين آهي. (فتاويٰ رضويہ مُخَرَّجَہ ج 6 ص 343)

## قرآن پڙهڻ وارن مَدَني مُنن جي فضيلت

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ زمين وارن تي عذاب ڪرڻ جو ارادو فرمائي ٿو پر جڏهن ٻارن کي قرآن پاڪ پڙهندي ٻڌي ٿو تہ عذاب کي روڪي ڇڏي ٿو. (سنن دارمي ج 2 ص 530 حديث 3345 دارالڪتاب العربي بيروت)

ہو کرم اللہ! حافِظ مدنی مُنّوں کے طفیل
جگمگاتے گُنبدِ خضرا کی کرنوں کے طفیل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ بيشمار مدرسا ”مَدرَسة المدينہ“ جي نالي سان قائم آهن. جن ۾ صرف پاڪستان ۾ هي سٺون لکڻ تائين ٻاهتر هزار مَدَني منيون ۽ مدني منا حِفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، ۽ پڻ ڪيترين ئي مسجدن ۾ مختلف جاين تي مدرسة المدينہ (بالغان) جو بہ اهتمام ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڏينهن جو ڪم ڪار ۾ مصروف

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

رهڻ وارن کي عام طرح نماز عشاء کان پوءِ تقريبًا چاليهہ منٽن تائين صحيح قرآن پاڪ پڙهڻ سيکاريو وڃي ٿو ۽ مختلف دعائون ياد ڪرايون وڃن ٿيون ۽ سنتون پڻ سيکاريون وڃن ٿيون. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جي لاءِ بہ مدارس المدينہ (بالغات) قائم آهن.

## ”خوب قرآن پاڪ پڙهو“ جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان تلاوت جي سجدي جا 14 مدني گل

﴿1﴾ سجدي جي آيت پڙهڻ يا ٻڌڻ سان سجدو واجب ٿي وڃي ٿو. (الهدايہ ج 1 ص 28 داراحياء التراث العربي بيروت) ﴿2﴾ فارسي يا ڪنهن ٻي زبان ۾ (بہ جيڪڏهن) آيت جو ترجمو پڙهيائين تہ پڙهڻ واري ۽ ٻڌڻ واري تي سجدو واجب ٿي ويو، ٻڌڻ واري اهو سمجهيو هجي يا نہ تہ آيتِ سجده جو ترجمو آهي، البت اهو ضرور آهي تہ جيڪڏهن ان کي معلوم نہ هجي تہ ٻڌايو ويو هجي تہ هي سجدي جي آيت جو ترجمو هو ۽ جيڪڏهن آيت پڙهي وئي تہ آيتِ سجده جو ٻڌائڻ جي بہ ضرورت ناهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 133 ڪوئيٽا) ﴿3﴾ پڙهڻ ۾ اهو شرط آهي تہ ايڏي آواز سان هجي جو جيڪڏهن ڪو عذر نہ هجي تہ پاڻ ٻڌي سگهي. (بهار شريعت ج 1 حصو 4 ص 728) ﴿4﴾ ٻڌڻ واري جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ ارادي سان ٻڌي، بنا ارادي جي ٻڌڻ سان بہ سجدو واجب ٿي وڃي ٿو. (الهدايہ ج 1 ص 78) ﴿5﴾ ۽ جيڪڏهن ايڏي آواز سان آيت پڙهيائين جو ٻڌي سگهيو پئي پر شور ۽ هل يا ٻوڙو هجڻ جي ڪري نہ ٻڌائين تہ سجدو واجب ٿيندو ۽ جيڪڏهن صرف چپ چُريا آواز پيدا نہ ٿيو تہ واجب نہ ٿيو. (فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 132) ﴿6﴾ سجدو

واجب ٿيڻ جي لاءِ پوري آيت پڙهڻ ضروري ناهي بلڪ اهو لفظ جنهن ۾ سجدي جا الفاظ هجن ۽ ان کان اڳيون يا پويون لفظ ملائي پڙهڻ ڪافي آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 694) ﴿7﴾ **سجده ٔ تلاوت جو طريقو:** سجدي جو مسنون طريقو هي آهي تہ اُٿي بيهي اَللّٰهُ اَكْبَر چئي سجدي ۾ وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى چوي، پوءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوندي اُٿي بيهي، پهرين ۽ بعد ۾ ٻنهي ڀيري اَللّٰهُ اَكْبَر چوڻ سنت آهي. ۽ بيهي سجدي ۾ وڃڻ ۽ سجدي کان پوءِ بيهڻ اهي ٻئي قيام مستحب آهن. (درمختار ج 2 ص 699) ﴿8﴾ تلاوت جي سجدي لاءِ اَللّٰهُ اَكْبَر چوڻ وقت نہ هٿ کنيا ويندا نہ ان ۾ تَشَهُّد (يعني اَلتَّحِيَّات) آهي نہ سلام. (تنويرالابصار ج 2 ص 700) ﴿9﴾ هن جي نيّت ۾ اهو شرط ناهي تہ فلاڻي آيت جو سجدو آهي بلڪ مطلقًا تلاوت جي سجدي جي نيّت ڪافي آهي. (درّمختار، ردالمحتار ج 2 ص 699) ﴿10﴾ سجدي جي آيت نماز کان ٻاهر پڙهيائين تہ فورًا سجدو ڪرڻ واجب ناهي، ها بهتر اهو آهي تہ فورًا سجدو ڪري وٺي ۽ وضو هجي تہ دير ڪرڻ مڪروه تنزيهي آهي. (درمختار ج 2 ص 703) ﴿11﴾ ڪنهن سبب ان وقت جيڪڏهن سجدو نہ ڪري سگهي تہ تلاوت ڪرڻ واري ۽ ٻڌندڙ کي هي چوڻ مستحب آهي: سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿۲۸۵﴾ ترجمو ڪنزالايمان: اسان ٻڌو ۽ مڃيو، تنهنجي معافي گهرجي اي اسان جا رب ۽ تو ڏانهن ئي موٽڻ آهي. (پ 3 البقره 285) (رَدُّالمُحتار ج 2، ص 703) ﴿12﴾ هڪ مجلس[1] ۾ سجدي جي هڪ آيت کي بار بار پڙهيائين يا ٻڌائين تہ هڪ ئي سجدو واجب

(1) مجلس جي باري ۾ تفصيل بهار شريعت ج 1 حصو 4 ص 736 تي ملاحظہ فرمايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ٿيندو، جيتوڻيڪ چند چڻن ڪان ٻڌي هجي، ائين ئي جيڪڏهن هڪڙي آيت پڙهيائين ۽ اها ئي آيت ٻئي ڪان ٻڌائين تڏهن بہ هڪ ئي سجدو واجب ٿيندو. (دُرِّمُختار، رَدُّالمُحتار ج 2 ص 712) ﴿13﴾ پوري سورت پڙهڻ ۽ سجدي جي آيت ڇڏي ڏيڻ مڪروهہ تحريمي آهي ۽ صرف سجدي جي آيت پڙهڻ ۾ ڪراهت ناهي، پر سنو اهو آهي تہ هڪ بہ آيتون اڳيان يا پويان ملائي. (دُرِّمُختار ج 2 ص 717)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حاجت پوري ٿيڻ جي لاءِ

﴿14﴾ (اَحناف يعني حنفِين وٽ قرآن پاڪ ۾ سجدي جون 14 آيتون آهن) جنهن مقصد لاءِ هڪ مجلس ۾ سجدي جون سيئي (يعني 14) آيتون پڙهي سجدا ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ان جو مقصد پورو فرمائيندو. ڪٿي هڪ هڪ آيت پڙهي ان جو سجدو ڪندو وڃي يا سيئي پڙهي آخر ۾ سجدا ڪري. (بهارشريعت ج 1 ص 738)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سجدي جون 14 آيتون

(1) ﴿ اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ۩ ﴿٢٠٦﴾ ﴾ (پ٩ اَعْرَاف٢٠٦)

(2) ﴿ وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ۩ ﴿١٥﴾ ﴾ (پ١٣ رَعْد١٥)

(3) ﴿ وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مِنْ دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۴۹﴾ يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴾
(پ۱۴ نَحل ۴۹)

(4) ﴿ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖۤ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ﴿۱۰۷﴾
وَّيَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿۱۰۸﴾ وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ
يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ﴿۱۰۹﴾ ﴾ (پ۱۵ بنی اِسرائیل ۱۰۷-۱۰۹)

(5) ﴿ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّبُكِيًّا ﴿۵۸﴾ ﴾ (پ۱۶ مریم ۵۸)

(6) ﴿ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَسْجُدُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ وَالشَّمْسُ
وَالْقَمَرُ وَالنُّجُوْمُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَآبُّ وَكَثِيْرٌ مِّنَ النَّاسِ ط وَكَثِيْرٌ حَقَّ
عَلَيْهِ الْعَذَابُ ط وَمَنْ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍ ط اِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿۱۸﴾ ﴾
(پ۱۷ حج ۱۸)

(7) ﴿ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ق اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا
وَزَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿۶۰﴾ ﴾ (پ۱۹ فُرقان ۶۰)

(8) ﴿ اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ
مَا تُخْفُوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿۲۵﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿۲۶﴾ ﴾ (پ۱۹ نمل ۲۵-۲۶)

(9) ﴿ اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ
رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۱۵﴾ ﴾ (پ۲۱ سجده ۱۵)

(10) ﴿ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ ﴿۲۴﴾ فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ط وَاِنَّ لَهٗ
عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۲۵﴾ ﴾ (پ۲۳ ص ۲۴-۲۵)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

(11) ﴿ وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ؕ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا
لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۳۷﴾ فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا
فَالَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ ﴿۳۸﴾ ﴾
(پ ۲۴ حٰمٓ السَّجدة ۳۷-۳۸)

(12) ﴿ فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ﴿۶۲﴾ ﴾ (پ ۲۷ نجم ۶۲)

(13) ﴿ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ﴿۲۱﴾ ﴾
(پ ۳۰ اِنْشِقَاق ۲۰-۲۱)

(14) ﴿ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ﴿۱۹﴾ ﴾ (پ ۳۰ عَلَق ۱۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”فرقانِ حميد“ جي نوَ اکرن جي نسبت سان قرآن پاڪ کي ڇُهڻ جا 9 مَدَني گل

﴿1﴾ جيسين وُضُو نہ هجي تہ قرآن پاڪ کي ڇُهڻ لاءِ وُضو ڪرڻ فرض آهي. (نُورالايضاح ص 18) ﴿2﴾ بنا ڇُهڻ جي زباني ڏسي (بي وُضو) پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي ﴿3﴾ قرآن پاڪ کي ڇُهڻ جي لاءِ يا تلاوت جي سجدي يا شڪراني جي سجدي لاءِ تَيَمُّم جائز ناهي جڏهن تہ پاڻي تي قدرت هجي.(بهارشريعت ج 1 ص 352) ﴿4﴾ جنهن تي غسل فرض هجي ان جو قرآن شريف کي ڇُهڻ، جيتوڻيڪ ان جي ساده حاشيي (يعني چئني پاسن کان ڇڏيل جاءِ) کي يا ان جي جلد يا ٻُجڪي کي ڇُهڻ يا بنا ڇُهڻ جي ڏسي يا زباني پڙهڻ يا ڪا آيت لکڻ يا آيت جو تعويذ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

لکڻ يا اهڙي تعويذ کي ڇُهڻ يا اهڙي مُندي کي ڇُهڻ يا پائڻ جيئن **مُقَطَّعَات**[1] واري مندي وغيره حرام آهي. (بهار شريعت ج 1 حصو 2 ص 326)

﴿5﴾ جيڪڏهن قرآن پاڪ بُجڪي ۾ هجي ته ان بُجڪي تي هٿ لڳائڻ ۾ حرج ناهي، اهڙي طرح رومال يا ٻئي ڪنهن اهڙي ڪپڙي سان پڪڙڻ جيڪو نه پنهنجي تابع هجي ۽ نه قرآن پاڪ جي، ته جائز آهي، قميص جي ٻانهن، رَئي جي پلوَ سان ايستائين جو چادر جو هڪڙو پلو ڪلهي تي آهي ٻئي پلي سان ڇُهڻ حرام آهي ڇوته اهي سيئي ان جي تابع آهن جيئن غلاف قرآن شريف جي تابع هو. (دُرِّمُختار، رَدُّالمُحتار ج 1 ص 348) ﴿6﴾ قرآن پاڪ جو ترجمو فارسي، اُردو يا سنڌي يا ڪنهن ٻئي زبان ۾ هجي ته اُن کي ڇُهڻ ۽ پڙهڻ ۾ قرآن شريف وارو ئي حڪم آهي. (بهار شريعت حصو 2 ص 327) ﴿7﴾ ڪتاب يا اخبار ۾ آيت لکيل هجي ته ان آيت تي ۽ پڻ ان آيت واري ڪاغذ جي عين پٺئين پاسي بنا غسل ۽ بغير وضو واري کي هٿ لڳائڻ جائز ناهي ﴿8﴾ جنهن ڪاغذ تي صرف آيت لکيل هجي ۽ ٻيو ڪجھ به نه لکيل هجي ان کي اڳيان پٺيان يا ڪناري وغيره ڪنهن به جاءِ تي بنا وضو وارو ۽ بنا غسل وارو هٿ نه ٿو لڳائي سگھي.

*ڪلامِ پاک کے مولا مجھے آداب سکھلا دے*
*مجھے کعبہ دکھا دے گنبدِ خضرا بھی دکھلا دے*

## ڪتاب ڇاپڻ وارن جي خدمت ۾ مَدَني اِلتجا

﴿9﴾ ديني ڪتاب ۽ ماهناما وغيره ڇاپڻ وارن جي خدمت ۾

[1] الٓمّٓ - كٓهٰيٰعٓصٓ - يٰسٓ - طٰهٰ - قٓ وغيره حروفِ مقطَّعات آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

درد ڀري مدني التجا آهي تہ ڪتاب جي ٽائيٽل جي چئني صفحن مان ڪنهن صفحي تي آيتون يا انهن جا ترجما نہ ڇاپيو، ڇوتہ ڪتاب يا رسالو وٺڻ يا ڪٽڻ وقت ڪيترائي مسلمان بي ڌياني ۾ بنا وُضو جي ڇُهڻ ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ضمن ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 23 صفحو 393 تي فرمائن ٿا: آيت مبارڪ کي اخبار جي طَبلَق (يعني اخبار يا رسالي جي بنڊل، سَٽي جي چوڏاري ويڙهيل ڪاغذ) يا ڪارڊ يا لفافن تي ڇاپڻ بي ادبي کي مُستلزِم (يعني لازم ڪري ٿو) ۽ حرام ڏانهن مُنجِر (يعني وٺي ويندڙ) آهي، ان تي بي وضو خط پهچائيندڙ (ٽپالين) بلڪ بنا غسل وارن بلڪ ڪافرن جا هٿ لڳندا جيڪي هميشہ بي غسلا ئي رهن ٿا ۽ اهو حرام آهي. قال الله تعاليٰ: لَّا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿۷۹﴾ (ترجمو ڪنزالايمان: هن کي نہ هٿ نہ لائن مگر با وضو (پاڪ) ٻيا هٿن جي لاءِ زمين تي رکيا ويندا ڦاڙي اڇلايا ويندا، انهن بي ادبن تي آيت جو پيش ڪرڻ، هِن (يعني ڇاپڻ يا لکڻ واري) جو فعل ٿيو.

کردم از عقل سوالے کہ بگو ایمان چیست　　عقل در گوشِ دلم گفت کہ ایمان ادب ست

يعني مون عقل کان پڇيو تہ تون اهو ٻڌاءِ تہ ايمان ڇا آهي، عقل منهنجي دل جي ڪنن ۾ چيو تہ ايمان ادب جو نالو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب جي ٽائيٽل تي قرآني آيت ڇپيل ڏسو تہ عرض آهي تہ سنيون، سنيون نيتون ڪري ڪتاب ڇاپڻ وارن کي مٺئين تحرير ڏيڪاريو يا ان جي فوٽو ڪاپي پوسٽ ذريعي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

موڪليو، ان سان گڏ اهو به لکو ته توهان جي فلاڻي ڪتاب جي ٽائيٽل تي آيت مبارڪ ڏني ته تحريري طور تي حاضر ٿي عرض گذار آهيان ته مهرباني فرمائي ڪتاب جي ٽائيٽل تي آيتون يا انهن جا ترجما نه ڇاپيو ته جيئن مسلمان بي ڌياني ۾ بي وُضو ڇُهڻ کان محفوظ رهن. جَزَاكَ اللّٰهُ خَيْرًا. جيڪڏهن پبلشر بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جو عاشق هوندو ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي دعائن سان نوازيندي آئنده احتياط جي نيّت جو اظهار ڪندو.

محفوظ خدا رکھنا سدا بے اَدَبوں سے
اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ”قرآن“ جي چئن اکرن جي نسبت سان
# قرآن جي ترجمي جا 4 مَدَني گل

﴿1﴾ تفسير کانسواءِ صرف قرآن جو ترجمو نه پڙهيو وڃي، منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فتويٰ مبارڪ جي هڪ حصي جو خلاصو هن طرح آهي: گهٽي علم کانسواءِ صرف قرآن جو ترجمو پڙهي سمجهڻ ممڪن ناهي، بلڪ ان ۾ فائدي جي ڀيٽ ۾ نقصان وڌيڪ آهي. ترجمو پڙهڻو آهي ته ڪنهن ماهر ڪامل سني عالم کان پڙهي. (فتاوي رضويه مُخَرَّجه ج 23 ص 382 مُلَخَّصاً)

﴿2﴾ قرآن پاڪ کي سمجهڻ جي لاءِ منهنجي آقا اعليٰ حضرت، ولي نعمت، امامِ اهلسنت، مُجَدِّدِ دين ۽ ملت، حضرت علامه مولانا امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو جڳ مشهور قرآني ترجمو ” ڪنزالايمان“ مع

فرمانِ مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منھنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رھندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رھندا.** (طبراني)

تفسير ”خزائنُ العِرفان“ (از حضرت علامہ مولانا سيِّد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي) حاصل ڪريو.

﴿3﴾ روزانو قرآن پاڪ جون گھٽ ۾ گھٽ ٽي آيتون (ترجمي ۽ تفسير سان) تلاوت ڪرڻ واري مدني انعام[1] تي عمل ڪريو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توھان پاڻ ڪي نظر ايندي.

﴿4﴾ دعوت اسلامي جي تنظيمي انداز مطابق ھر مسجد ڪي ھڪ ذيلي حلقو قرار ڏنو ويو آھي. تمام ذيلي حلقن ۾ روزانو فجر نماز کان پوءِ اجتماعي طور تي ڪنزالايمان جي ترجمي ۽ خزائن العرفان جي تفسير سان ٽن آيتن جي تلاوت، مدني حلقي جو ھدف آھي. جيڪڏھن ٽي سگھي تہ اسلامي ڀائر ان ۾ شرڪت جي سعادت ماڻين.

*”کنزالایمان“ اے خدا میں کاش! روزانہ پڑھوں*
*پڑھ کے تفسیر اِس کی پھر اُس پر عمل کرتا رہوں*

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”رب“ جي ٻن اکرن جي نسبت سان مقدس اوراق کي دفن ڪرڻ يا ٺڏا ڪرڻ جا 2 مدني گل

﴿1﴾ جيڪڏھن قرآن شريف پراڻو ٿي وڃي ۽ ان قابل نہ رھيو

[1] صحيح اسلامي زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 مدني انعامات سوال ۽ جواب جي صورت ۾ ڏنا ويا آھن ڪيئي خوش نصيب روزانو ”فڪر مدينہ“ ڪري حسب توفيق جوابات جا خانا پُر ڪن ٿا ۽ ھر مدني مھيني جي 10 تاريخ جي اندر اندر پنھنجي ذميدار کي جمع ڪرائين ٿا. مڪمل طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان ”مدني انعامات“ نالي رسالو حاصل ڪريو. دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي مڪتبة المدينہ جا تقريبا سيئي رسالا ڏسي ان جا پرنٽ ڪڍي سگھجن ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

تہ ان جي تلاوت ڪئي وڃي ۽ اهو دپ آهي تہ اِن جا پنا پڪڙجي ضايع ٿي ويندا تہ ڪنهن پاڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي احتياط واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي ۽ دفن ڪرڻ ۾ ان جي لاءِ لحد بنائي وڃي (يعني ڪڏ کوٽي قبلي واري پاسي ديوار کي ايترو کوٽيو جو سيئي مقدّس اوراق سمائجي وڃن) تہ جيئن ان تي مٽي نہ ڪري يا (ڪڏ ۾ رکي) اُن تي تختو لڳائي ڇت بڻائي پوءِ مٽي وجهو تہ جيئن ان تي مٽي نہ ڪري، قرآن شريف پراڻو ٿي وڃي تہ ان کي ساڙيو نہ وڃي.

(بهار شريعت حصو 16 ص 138 مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي)

﴿2﴾ مقدس اوراق گهٽ اونهي سمنڊ، دريا يا شاخ ۾ نہ وڌا وڃن ڇو تہ عموماً وهي ڪناري تي اچي ويندا آهن ۽ سخت بي ادبي ٿيندي آهي. ٿڌو ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ ڪنهن خالي ٿيلهي يا خالي بوري ۾ پري ان ۾ وزني پٿر وڌو وڃي ۽ ان ٿيلهي يا بوري ۾ چند جاين تان اهڙي طرح چير ڏنا وڃن جو ان ۾ فورًا پاڻي پرجي وڃي ۽ اُها تر ۾ هلي وڃي نہ تہ پاڻي اندر نہ وڃڻ جي صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن ميلن تائين ترندي ڪناري تي پهچي ويندي آهي ۽ ڪڏهن جاهل يا ڪافر خالي بوري جي لالچ ۾ مقدس اوراق ڪناري تي ئي اڇلائي ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ ايتريون سخت بي ادبيون ٿينديون آهن جو بڌي عاشقن جون دليون ڏکيو پون! مقدس اوراق جي بوري اونهي پاڻي تائين پهچائڻ جي لاءِ مسلمان بيڙيءَ واري کان بہ مدد وٺي سگهجي ٿي مگر بوري ۾ چير هر حال ۾ ڏيڻا پوندا.

میں ادب قرآن کا ہر حال میں کرتا رہوں
ہر گھڑی اے میرے مولیٰ تجھ سے میں ڈرتا رہوں

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

# ”ڪلام الله“ جي اَدَب اڪرن جي نسبت سان مختلف 8 مدني گل

﴿1﴾ قرآن مجيد کي ٽيلهي يا بجڪي ۾ رکڻ ادب آهي. صحابہ ۽ تابعين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم اَجۡمَعِين جي زماني ۾ انهيءَ جي مٿان مسلمانن جو عمل هو. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 139)

﴿2﴾ قرآن شريف جي آداب ۾ هي بہ آهي تہ ان جي طرف پٺ نہ ڪئي وڃي، نہ پير ڪيا وڃن، نہ پيرن کي قرآن کان مٿي ڪيو وڃي، نہ هي تہ پاڻ مٿانهين جاءِ تي هجو ۽ قرآن مجيد هيٺ هجي. (ايضًا)

﴿3﴾ لغت، نحو ۽ صرف (ٽنهي علمن) جو هڪ جهڙو مرتبو آهي. انهن مان هر هڪ (علم) جي ڪتاب کي ٻي ڪتاب تي رکي سگهو ٿا ۽ انهن جي مٿان علم ڪلام جا ڪتاب رکيا وڃن ان جي مٿان فِقہ ۽ فقہ کان مٿي احاديث واعظ ۽ دعوات ماثوره (يعني قرآن حديث ۾ منقول دعائون) ۽ تفسير کي ان کان مٿي ۽ قرآن مجيد کي سڀني جي مٿان رکو. قرآن مجيد جنهن صندوق ۾ هجي تہ ان جي مٿان ڪپڙا وغيره نہ رکيا وڃن. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 323-324)

﴿4﴾ ڪنهن صرف خير ۽ برڪت جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ قرآن شريف رکي ڇڏيو آهي ۽ تلاوت نٿو ڪري تہ گناهہ ناهي بلڪ ان جي اها نيّت ثواب جو باعث آهي. (فتاويٰ قاضي خان ج 2 ص 378)

﴿5﴾ بي خيالي ۾ قرآن شريف جيڪڏهن هٿن مان ڇُٽي يا طاق وغيره مان زمين تي ڪري پوي تہ نہ گناهہ آهي نہ ئي ڪو ڪفارو.

﴿6﴾ گستاخي جي نيّت سان ڪنهن مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ زمين تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

اُڇلايو يا توهين جي نيّت سان ان تي پير رکيو تہ ڪافر ٿي ويو.

﴿7﴾ جيڪڏهن قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي حلف يا قسم جا لفظ چئي ڪا ڳالهہ ڪيائين تہ هي تمام "سخت قسم" ٿيو ۽ جيڪڏهن حلف يا قسم جا لفظ نہ ڳالهايائين تہ صرف قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي يا ان تي هٿ رکي ڳالهہ ڪرڻ نہ قسم آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪو ڪفارو آهي. (فتاويٰ رضوي مخرجہ جلد 13 ص574-575 ملخصًا)

﴿8﴾ جيڪڏهن مسجد ۾ ڪيترائي قرآن پاڪ جمع ٿي وڃن ۽ سيئي استعمال ۾ نہ اچن، پيا پيا پراڻا ٿي رهيا آهن تڏهن بہ انهن کي وڪڻي ان جي قيمت مسجد ۾ نہ لڳائي سگهو البت اهڙي صورت ۾ قرآن پاڪ ٻين مسجدن ۽ مدرسن ۾ رکڻ جي لاءِ تقسيم ڪري سگهجن ٿا. (فتاويٰ رضوي مخرجہ ج 16 ص 164 ملخصًا)

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش خدایا
اللہ! تلاوت میں مرے دل کو لگا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "مديني" جي پنجن اکرن جي نسبت سان ايصالِ ثواب جا پنج مدني گل

﴿1﴾ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد مبارڪ آهي مُڙدي جو حال قبر ۾ ٻُڏندڙ انسان وانگر آهي جو اُهو شدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان تائين پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان تائين پهچندي آهي

تہ ان وٽ اها دعا دُنيا و مَا فِيها (يعني دنيا ۽ ان ۾ جو ڪجھ بہ آهي) ڪان بهتر هوندي آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قبر وارن ڪي انهن جي جيئرن واسطيدارن جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن وانگر عطا فرمائيندو آهي، جيئرن جو هديو (يعني تحفو) مئلن جي لاءِ "مغفرت جي دعا ڪرڻ آهي." (شعب الايمان ج 6 ص 203 حديث 7905)

﴿2﴾ طبراني ۾ آهي: "جڏهن ڪو ماڻهو ميّت کي ايصالِ ثواب ڪري ٿو تہ جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام ان کي نوراني ٿال ۾ رکي قبر جي ڪناري تي بيهي رهن ٿا ۽ چون ٿا: "اي قبر وارا! هي تحفو تنهنجي گهروارن موڪليو آهي." اهو ٻڌي هو خوش ٿئي ٿو ۽ هن جا پاڙيسري پنهنجي محرومي تي غمگين ٿين ٿا.
(المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 37 حديث 6504 دارالفڪر بيروت)

قبر میں آہ! گھپ اندھیرا ہے
فضل سے کردے چاندنا یارب!

﴿3﴾ تلاوتِ قرآن سان گڏوگڏ فرض، واجب، سنت، نفل، نماز، روزا، زڪواة، حج، بيان، درس، مدني قافلي ۾ سفر، مدني انعامات، نيڪي جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ انفرادي ڪوشش وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا.

## ايصالِ ثواب جو طريقو

﴿4﴾ ايصالِ ثواب ڪو مشڪل ڪم ناهي صرف ايترو چوڻ يا دل ۾ نيت ڪرڻ بہ ڪافي آهي مثال طور "يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو قرآن پاڪ پڙهيو (يا فلاڻو فلاڻو عمل ڪيو) ان جو ثواب منهنجي والده

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

مرحوم کي پهچاءِ.“ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ثواب پهچي ويندو.

## فاتحہ جو طريقو

﴿5﴾ اڄڪلهہ مسلمانن ۾ خصوصًا ڪاڏي تي جيڪو فاتحہ جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سٺو آهي، انهيءَ دوران تلاوت وغيره جو ايصالِ ثواب وغيره ڪري سگهجي ٿو جن ڪاڌن جو ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي اهي سيئي يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڌو ۽ هڪ گلاس ۾ پاڻي پري اڳيان رکو پوءِ ”اَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ○“ پڙهي، هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

قُلْ یٰۤاَیُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ① لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ② وَ لَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ③
وَ لَاۤ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ④ وَ لَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ⑤ لَكُمْ دِیْنُكُمْ وَلِیَ دِیْنِ ⑥

ٽي ڀيرا

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ① اَللّٰهُ الصَّمَدُ ② لَمْ یَلِدْ ۙ۬ وَ لَمْ یُوْلَدْ ③ وَ لَمْ یَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ④

هڪ ڀيرو

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ① مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ② وَ مِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ③
وَ مِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ ④ وَ مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ⑤

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

**هڪ ڀيرو**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ۬
الْخَنَّاسِ ۪ۙ﴿۴﴾ الَّذِیْ یُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ ﴿۶﴾

**هڪ ڀيرو**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ۙ﴿﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ۙ﴿﴾ مٰلِكِ یَوْمِ الدِّیْنِ ؕ﴿﴾
اِیَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِیَّاكَ نَسْتَعِیْنُ ؕ﴿﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِیْمَ ۙ﴿﴾ صِرَاطَ
الَّذِیْنَ اَنْعَمْتَ عَلَیْهِمْ ۙ۬ غَیْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَیْهِمْ وَ لَا الضَّآلِّیْنَ ﴿﴾

**هڪ ڀيرو**

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَیْبَ ۛۚ فِیْهِ ۛۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِیْنَ ۙ﴿۲﴾ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ
بِالْغَیْبِ وَ یُقِیْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ یُنْفِقُوْنَ ۙ﴿۳﴾ وَ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ بِمَاۤ
اُنْزِلَ اِلَیْكَ وَ مَاۤ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ یُوْقِنُوْنَ ﴿۴﴾ اُولٰٓىٕكَ عَلٰى هُدًى
مِّنْ رَّبِّهِمْ ۗ وَ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۵﴾

**پڙهڻ ڪان بعد هي 5 آيتون پڙهو**

(1) وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۶۳﴾ (پ۲ البقرة:۱۶۳)

(2) اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِیْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۵۶﴾ (پ۸ الاعراف:۵۶)

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري وينو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

(3) وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ (پ١٧ الانبيآء:١٠٧)

(4) مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ
النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ (پ٢٢ الاحزاب:٤٠)

(5) اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ
وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ **(پ٢٢ الاحزاب:٥٦)**

**هاڻي درود شريف پڙهو**

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

**هن ڪان بعد پڙهو**

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَالْحَمْدُ
لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

**هاڻي هٿ کڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو وڏي آواز سان ”الفاتحہ“ چوي. سيئي ماڻهو آهستي سورت فاتحہ پڙهن، هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو هن طرح اعلان ڪري: ”توهان جيڪي ڪجھ پڙهيو آهي اُن جو ثواب منهنجي حوالي ڪريو سيئي حاضرين چون: ”توهان کي ڏنو“ هاڻي فاتحہ پڙهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# ايصال ثواب جي لاءِ دُعا جو طريقو

ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجهہ پڙهيو ويو (جيڪڏهن کاڌو وغيره آهي تہ هيئن بہ چئو) جيڪو ڪجهہ کاڌو وغيره پيش ڪيو ويو آهي بلڪ اڄ تائين جيڪو ٽٽو ڦٽو عمل تي سگهيو آهي اُن جو ثواب اسان جي ناقص عمل نہ پر پنهنجي ڪرم جي شايان شان عطا فرماءِ، ۽ ان کي اسان جي طرفان پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ نذرانو پهچاءِ. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واسطي سان تمام انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوة تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي حضور نذرانو پهچاءِ. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واسطي سان سيدنا آدم صَفِيُّ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان وٺي اڄ تائين جيڪي انسان، جن مسلمان ٿيا، يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ. انهيءَ دوران جن جن بزرگن کي خاص ڪري ايصال ثواب ڪرڻو آهي انهن جا بہ نالا ڪڻندا وڃو پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتيدارن ۽ پير و مرشد کي بہ ايصال ثواب ڪريو. (مري ويلن مان جن جن جا نالا ڪڻندو اُهي خوش ٿيندا) هاڻي معمول مطابق دُعا ختم ڪريو. (جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي ڪڍيو هو تہ اُهو واپس کاڌي ۽ پاڻي سان ملائي ڇڏيو)

ثواب اعمال کا میرے تو پہنچا ساری اُمّت کو
مجھے بھی بخش یارب بخش اُن کی پیاری اُمّت کو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

# ”عمامو ٻَڌڻ سنتِ نبي آهي“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 17 مدني گل

**ڇهه فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ عمامي سان گڏ ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (الفردوس بماثورالخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233) ﴿2﴾ ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر وَرَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص353 حديث 5725) ﴿3﴾ بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا درود موڪليندا آهن جمعي جي ڏينهن عمامي وارن تي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 148 حديث 529) ﴿4﴾ عمامي سان گڏ نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي. (ايضاً ج 2 ص 406 حديث 3805، فتاويٰ رضويه ج 6 ص 213) ﴿5﴾ عمامي سان گڏ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر 70 جمعن جي برابر آهي. (تاريخ مدينہ دمشق لابن عساڪر ج 37 ص 355) ﴿6﴾ عماما عرب جا تاج آهن عماما ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 202، حديث 14536) ﴿7﴾ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 1334 صفحن تي مشتمل ڪتاب **بهار شريعت** جلد 3 صفحي 660 تي آهي: عمامو بيهي ٻڌو ۽ سلوار ويهي پايو، جنهن ان جو اُبتڙ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتائين) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي ﴿8﴾ مناسب هي آهي تہ عمامي جو پهريون وَر مٿي جي ساڄي پاسي وڃي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 199)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

﴿9﴾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شِملو عموماً پٺي مبارڪ تي هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ بہ شِملہ هوندا هئا. کاٻي پاسي شِملو لٽڪائڻ خلافِ سنّت آهي. (اشعة اللمعات ج 3 ص 582) ﴿10﴾ عمامي جي شِملي جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ چار آڱر ۽ وڌ مان وڌ (اڌ پٺي تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 182) ﴿11﴾ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس ص 38) ﴿12-13﴾ عمامي ۾ سنّت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 186) ﴿14-15﴾ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جو ايترا وَر اچن جيڪي مٿي کي چڱي طرح ڍڪين تہ اهو عمامو ئي ٿيو ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ بہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي. (ايضاً ج 7 ص 299) ﴿16﴾ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو ٻيهر ٻَڌڻ جي نيت هجي تہ هڪ هڪ وَر کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو. (ملخصاً فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 214) ﴿17﴾ علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: دَستار آنحضرت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دَر اَڪثر سفيد بُودو گاهے سِياه اَحياناً سَبز. ترجمو: نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عمامو شريف اڪثر سفيد، ڪڏهن ڪارو ۽ ڪڏهن سبز هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس ص 38)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ سبز رنگ جو عمامو شريف بہ سبز سبز گنبذ جي مڪين، رَحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي مبارڪ تي سجايو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

هو، دعوت اسلامي سبز سبز عمامي کي پنهنجو شِعار بڻايو آهي، سبز سبز عمامي جي ڇا ڳالهه آهي! منهنجي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ تي جڳمڳ جڳمڳ ڪندڙ گنبذ شريف به سبز سبز آهي! عاشقانِ رسول کي گهرجي ته سبز سبز رنگ جي عمامي سان هر وقت پنهنجي سر کي سر سبز رکن ۽ سبز رنگ تيز هجڻ جي بجاءِ اهڙو پيارو پيارو ۽ صاف صاف سبز هجي جو پري پري بلڪ رات جي اونداهي ۾ به سبز سبز جلوَن جي طفيل نور وسائيندو نظر اچي.

نہیں ہے چاند سورج کی مدینے کو کوئی حاجت
وہاں دن رات ان کا سبز گنبد جگمگاتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِ شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتیں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## سُنّت جون بهارون

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مدني ماحول ۾ بڪثرت سُنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن. اوهان کي به پنهنجي شهر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ٿيندڙ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ سڄي رات گذارڻ جي مدني التجا آهي. عاشقانِ رسول جي **مَدَني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مَدَني انعامات** جو رسالو ڀري ڪري هر مهيني پنهنجي شهر جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ **ايمان جي حفاظت** جو ذهن بڻجندو، هر اسلامي ڀاءُ پنهنجو هي مدني ذهن بڻائي ته، **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني انعامات** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني قافلن** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ




مڪتبة المدينه (دعوتِ اسلامي)
MC 1286
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي
باب المدينه ڪراچي فون نمبر : 91 -90 -34921389 -021